Funded by the European Union

Government of Sindh

unicef for every child



# Teacher Training Module:

# Sindhi

## Learning Cycle Eleven

سنڌي صوتيات جي تدريسَ

Sindh Technical Assistance – Development through Enhanced Education Programme (STA-DEEP)

STEDA · PITE · Sukkur IBA University · THE AGA KHAN UNIVERSITY

School Education & Literacy Department (SE&LD)

Government of Sindh.

**پيارا استادو!**

اسڪول ايجوڪيشن ۽ لٽريسِي ڊپارٽمينٽ (SE&LD) حڪومتِ سنڌ جَي استادن جِي لڳاتار پيشه وراڻي اهليت جي اوسَر (CPD) واري پروگرام ۾ پليڪار. هي اسڪول ڪَلَسٽَر تي ٻَڌل استادن جي لڳاتار پيشه وراڻي اهليت جي اوسر (CPD) جو پروگرام، سال 2021 جي نظرثاني ٿيل اسڪول ڪَلَسٽرِنگ پاليسي ۽ سال 2022 جي CPD ماڊل تحت تيار ڪري لاڳو ڪيو ويو آهي.

تدريسي مواد تي آڌاريل سِکيا جَي مرحلن (CBLCs) جِي هِيءَ تواتر، جنهن ۾ 11 ڪان 20 ماڊيُولَ شامل آهن، توهان جي چاڻَ ۽ صلاحيتن کي "ڪلاس جي مواد تي ٻڌل تدريسي عملن" ۾ ويتر واڌ آڻڻ لاءِ ٺاهي وئي آهي. شروعاتي ذهن سِکيا جي مرحلن (LCs) ۾ توهان جي تدريسي صلاحيتن کي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏنو ويو ته جيئن شاگردن لاءِ ڪلاس رُومَ کي فعال، ڀهرو ونندڙ ۽ پُرلُطف بڻائڻ ۾ مدد مِلَي. انهن صلاحيتن جي بنياد تي، اهي سِکيا مرحلا (11- 20) پهرين ڪان اٺين درجي جي شاگردن لاءِ رياضي، سائنس، انگريزي، اردو ۽ سنڌي مضمونن ۾ سِکيا جا موقعا فراهم ڪندا ۽ ڪلاسَ جي حالتن کي اثرائتي نموني مُنظم ڪرڻ لاءِ توهان کي جديد تدريسي حڪمت عملين سان گڏ انهن مضمونن جي ڄاڻ پَريو بڻائيندا.

**سِي پِي ڊِي پروگرامَ جو نصب العين**

هِنَ پروگرامَ جو مقصد سڄي سنڌ جي اسڪولن ۾ سِکيا عملن جي معيار کي بهتر بنائڻ آهي، ته جيئن شاگردَ سرگرم ۽ معاون سِکيا ونندڙَ، سِکيا جي ڏکيائين کي حل ڪندڙَ ۽ تنقيدي سوچ رکندڙَ ٿين، ته جيئن هوُ پنهنجو ڪم تخليقي اندازَ ۽ اعتمادَ سان ڪري سگهن. اهي سِکيا جا مرحلا شاگردن کي واضح طور تي موضوع جي ڄاڻ سمجهڻ ۽ سِکيَل عِلم ۽ حاصل ڪيل مهارتن کي پنهنجي آسي پاسي جي دنيا سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڏيندا. انهن ڳُڻَن جي حاصلات کي ممڪن بڻائڻ لاءِ، استادن کي ڪلاسَ ۾ تدريسي ضرورتن ۽ مضمونن جي مواد لاءِ بهتر نموني تيار ٿيڻو پوندو. ان ڪان علاوه هي پروگرام استادن کي اسڪول ڪَلسٽر جي بنياد تي CPD جي ذريعي خاص تربيت ڏئي ٿو ته جيئن هوُ شاگردن جي سِکيا جي نتيجن کي بهتر بڻائي گهٽواڳتي وڌائين.

`

## سِي پِي ڊِي پروگرام جو تدرِيسي فلسفو

لڳاتار پيشيوراڻي اهليتَ جي اوسَر (CPD) جا سمورا سيشَنَ شراڪتدار جي سِکيا ٿيڻ جي خيالَ مطابق آهن. ان سوچ سان شرڪت ڪندڙن جي حوصلا افزائي ٿئي ٿي. ته جيئن؛ هڪ ته هُو فعال طور تي بااختيار سِکيا عمل ۾ مشغول ٿي وڃن، ٻيو ته خود تشخيصَ سان گڏ جوڙيدار ساٿيءَ اجي راءِ وٺڻ کي هَٿِي وٺرائجي، ۽ آخري طور تعليمي وهنوارَ ۾حصو وٺندڙ استادن جي هڪ ڪميُونٽِي ٺاهجي. انهن ڳالهين جو بنيادي مقصد تدريسي عملن کي وڌائڻ ۽ موضوعي مواد جي نظريي ۽ تدريسي حِڪمت عملين جي سمجھ کي فروغ ڏيڻ آهي ته جيئن شاگردَ سِکيَل عِلم تي اثرائتي نموني ۽ اعتماد سان پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ لاڳو ڪرڻ جي قابل ٿين.

## توهان لاءِ سهڪاري

هي ٽريننگ ماڊيُول ڪلاسَ جي تدريسي هدايتن جي عملن ۾ توهان جي مدد ڪرڻ لاءِ ٺاهيو ويو آهي. اهو توهان آڏو مضمون جو موادَ ۽ ڪلاسَ ۾ استعمال لاءِ ڪجهه طريقا متعارف ڪرائيندو. اهو توهان جي تدريسَ کي وڌيڪ منظم بڻائيندو ۽ توهان کي هڪ ماهر استاد جي حيثيت ۾ اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڏيندو.

استادن لاءِ آن لائين CPD پورٽل

استادن لاءِ ماهِرن کان سوالَ پُڇڻ، خيالن جي تبادلي ۽ ذاتي سِکيا جا تجربا ۽ (CBLCs) کي لاڳو ڪرڻ ۾ درپيش ڏکيائيُن جي حَلَ لاءِ هڪ آن لائن CPD پورٽل تيار ڪيو ويو آهي. آن لائين CPD پورٽل استادن کي سپني ضلعن جي ٻين استادن ۽ مضمونن جي ماهرن سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڏيندو ته جيئن هُو استادن جي ڪميونٽي جي حيثيت سان معلومات ونڊين ۽ سِکن.

آن لائين پورٽل: /https://stadeep-cpd.com

`

**نوٽ:** هي مواد جي بنياد وارا سِکيا جا مرحلا (CBLCs) اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لِٽريسي ڊپارٽمينٽ (SE&LD)گورنمينٽ آف سنڌ پاران منظورڪيل سنڌيءَ جي پهرين کان اٺين درجي تائين جي نصابَ ۽ درسي ڪتابن جي ميلاپ سان، STEADA ۽ PITE جي نگرانيءَ هيٺ تيار ڪيا ويا آهن. هنن ۾ پهرين کان اٺين درجي تائين جا سنڌي درسي ڪتابَ حوالي طور استعمال ڪيا ويا آهن.

CBLCs: 1-20: مهرباني ڪري LCs 20-1 جي عنوانن جي مڪمل فهرست ڏسڻ لاءِ آخري صفحي کي ڏسو.

**مَڃتا**

هي ماڊيُول انسٽيٽيوٽ فار ايجوڪيشنل ڊولپمينٽ جي صوبائي انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) جي هدايت هيٺ IBA سکر يونيورسٽي ۽ آغا خان يونيورسٽيءَ پاران تيار ڪيو ويو. ان ۾ يونيسيف پاران سنڌ ٽيڪنيڪل اَسِسٽَنس ڊِولَپمينٽ جي ترقي يافته تعليمي پروگرام (STA-DEEP) جي ذريعي مدد رهي؛ ۽ يورپي يونين پاران مالي مدد ڪئي وئي.

اسان هيٺين سهڪار ڪندڙن جا دِل جِي گهرائيُن سان شُڪرگُذار آهيون:

| | |
|---|---|
| محترم سيد رسول بخش شاھ | ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر، سنڌ ٽيچرس ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي (STEDA) |
| محترمہ نصرت فاطمہ ڪلهوڙو | ڊائريڪٽر جنرل پراونشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) |
| محترم عِنات الله شيخ | ايڊيشنل ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽوريٽ آف ٽيچر ٽريننگ اِنسٽِيٽيوُشنس سنڌ |
| ڊاڪٽر الطاف حسين سمون | ڊائريڪٽر ايگزيڪيوٽو ڊولپمينٽ سينٽر ايٽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| ڊاڪٽر تڪبير علي | ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ ڊائريڪٽر آئوٽريچ ايٽ آغا خان يونيورسٽي، ڪراچي |
| محترم عبدالمجيد پُرٽ | ڊائريڪٽر، ڊَڪار ڇامشورو |
| ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪَلوَڙ | ايسوسيئيٽ پروفيسر جيِ سِي اِي سکر/ ماڊيول ڊِوَلپر ۽ سبجيڪٽ اِسپيشلِسٽ آءِ بي اي سکر |

`

| | |
|---|---|
| محترمہ ريحانہ پروين ميراڻي | مادبيول ڊِوَلپر ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر، اسٽيڊا |
| محترم دِلشاد احمد ڏيٿو | مادبيول ڊِوَلپر، گورنمينٽ ايليمينٽري ڪالج آف ايجوڪيشن، حيدرآباد |
| محترم حسن علي | مادبيول ڊزائنر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر |
| محترم سيد ڪامران شاھ | پروجيڪٽ مينيجر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر |
| محترمہ رابعہ بَتُول | پروجيڪٽ مينيجر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر |
| محترمه اَبِير مقبول | ايجوڪيشن مينيجر، يونيسيف |
| محترم آصف ابرار | ايجوڪيشن اسپيشلسٽ، يونيسيف |
| ڊاڪٽر پرويز پيرزادو | ايجوڪيشن آفيسر، يونيسيف |
| محترم آفتاب احمد نظاماڻي | نيشنل ٽيچرس پروفيشنل ڊِولپمينٽ ڪنسلٽنٽ، يونيسيف |


# سنڌي صوتيات جي تدريسَ

**سکيا جا مقصدَ:** هن تربيتي مرحلي جي پُڄاڻيءَ تي، سکيا ونندڙ ان قابل ٿي ويندا ته اهي؛





- سنڌي صوتيات جي بنيادي اصولن کي سمجهي سگهندا.
- سنڌي صوتيات سيکارڻ لاءِ اثرائتي حڪمت عملي استعمال ڪري سگهندا.
- سنڌي صوتيات جي سِکيا کي موثر طريقي سان پنهنجي سبقي منصوبي ۾ شامل ڪري سگهندا.
- شاگردن جي صوتياتي صلاحيتن جو جائزووٺڻ ۽ تعميري موٽَ ڏيڻ جي قابل هوندا.
- سنڌي صوتيات بابت حاصل ڪيل معلومات تي پنهنجا تاثرَ پيش ڪري سگهندا. Reflactions

# سيشن پلان

| Materials/resources<br>گهربل سامان/ وسيلا | Activities/learning experiences<br>سرگرميون / سِکيا جا تجربا ۽ هدايتون | Objective<br>سرگرميءَ جو مقصد | Time<br>وقت |
| --- | --- | --- | --- |
| بورډ، مارڪر، ليپ ٽاپ، پروجيڪٽر وغيره.<br> | 1. سيني شرڪت ڪندڙ استاد صاحبن کي هن تربيتي پروگرام ۾ ڀليڪار چئو.<br>2. پروگرام جي باقائده شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪريو.<br>3. ابتدائي سرگرمي: تجنيسِ خطي يا ذهني مروڙ (Language twister)<br>شرڪت ڪندڙن کي هدايت ڏيو ته هو پنهنجي تعارف سان گڏ سنڌيءَ ۾ تجنيس خطي يعني، اُچارن جي تڪرار وارن لفظن سان ڪو جملو يا سِٽ ٻڌائن، جهڙوڪ؛<br>سائو واڱڻ وٽي نٿو، وانگٽائي واڱڻ وٽي ٿو.<br>ڪَنَ ڪَٿَ، ڪاپَٿَ، ڪنوٽيا، ڪَنَ چيرَ – شاهه<br>سيني کي ان عمل ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ سندن حوصلا افزائي ڪريو. | • ڀليڪار / شروعات ڪرڻ<br>• ذهني آمادگي سان آغاز ڪرڻ | 10 منٽ |
|  | • تربيتي مادا جو تعارف<br>تربيت ڏيندڙ مختصر تقرير سان ذهنن جي ايجنڊا ۽ مقصدن جو جائزو بيان ڪريو. | تربيتي مرحلي جي ايجنڊا ۽ مقصدن کان آگاهه ٿيڻ | 05 منٽ |

`

| | | | |
|---|---|---|---|
| 35 منٽ | سنڌي ٻوليءَ جي صوتيات جي بنيادي اصولن کي سمجهڻ<br> | • ذيلي موضوعَ:<br>1. سنڌي صوتيات جو تعارف<br>2. سنڌيءَ ۾ وينجن ۽ سُر آوازَ<br>3. سنڌيءَ جي متحرڪ الآخر خاصيت<br>4. گهُٽائِپَ ۽ ڊارَ جي خاصيت<br>• سرگرمي: جوڙين ۾ خيالن جي ڏي وٺ (Pair share)<br>1. تربيت ڏيندڙ شرڪت ڪندڙن ۾ ضمني عنوانن تي ٻڌل **<u>مددي مواد نمبر 01</u>** مطالعي لاءِ ڏئي ڪين هدايت ڪندو ته ان جو غور سان مطالعو ڪن ۽ جوڙين ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪن.<br>2. تنهن کانپوءِ ڪو به هڪ نمائندو چاڙ‍ايل موضوع تي مختصر پيشڪش ذريعي خيالن جو اظهار ڪندو.<br>• مختصر تقرير (Mini Lecture)<br>نمائندي جي ڏنل پيشڪش تي اصلاحي ۽ تعميري موٽ ڏئي چاڙ‍ايل ضمني موضوعن تي سمجهاڻيءَ سان تقريرَ ڪريو.<br>• تشخيصي سرگرمي:<br>1. وينجن ۽ سُر آوازن تي سوالَ<br>2. متحرڪ لآخر خاصيت تي سوالَ<br>3. گهُٽائپ ۽ ڊار خاصيتن تي سوالَ |  |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 55 منٽ | • مطالعي، بحث ۽ عملي مشق ذريعي سنڌي صوتيات جي تدريس جا موثر طريقا اختيار ڪرڻ جي قابل ٿيڻ<br> | • ذيلي موضوعَ<br>1. اُچارن جون عام غلطيون ۽ انهن جي دُرستگي<br>2. سنڌي صوتيات جي سِکيا لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال<br>• گروهي سرگرمي:<br>1. ذيلي موضوعن تي **مددي مواد** ڏئي ڪين غور سان مطالعي جي هدايت ڪريو.<br>2. **گول ميز:** صوتيات جي مسئلن تي شرڪت ڪندڙن وچ ۾ گول ميز طرز سان بحث ڪرايو.<br>• تشخيصي سرگرمي:<br>1. صوتيات جي سبقي منصوبي جي گروهي پيشڪش؛<br>گروپ پهريون: **ڪک پٽيءَ جا سُر آوازَ** (سنڌي پارا‎ٺو ڪتاب صفحو 18 )<br>گروپ ٻيون: **وينجن آوازَ** (سنڌي پاراٺو ڪتاب صفحو 16-18 )<br>گروپ ٽيون: **سنڌي صوتياتي چارٽ جي مشق**<br>https://learn.sindhila.edu.pk/alphabets/ipl<br>شرڪت ڪندڙَ کي هدايت ڪريو ته اول گروپن ۾ صوتياتي منصوبي جي تياري ڪن، تنهن کان پوءِ انهن جي پيشڪش ڻيندي.<br>2. شرڪت ڪندڙن جي پيشڪشن تي اصلاحي ۽ تعميري موٽَ ڏيو. | مددي مواد نمبر 02<br>سُر ۽ وينجن آوازن تي ٺهيل سبقي منصوبي جا نمونا، ڊجيٽل سنڌي صوتياتي چارٽ، ليپ ٽاپ، نيٽ ڪنيڪشن، مددي لِنڪ وغيره.<br> |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 15 منٽ | سموري مرحلي جي ڪارگذاري جو ورجاءَ ڪري خلاصي يا حاصل مطلب بابت ڳالهائڻ | • ذيلي موضوعَ<br>• سموري ڏينهن جو نتيجو ۽ مختصر ورجاءُ<br>• چڪاسَ<br>• خلاصي جي سرگرمي<br>تربيت ڏيندڙ سموري مرحلي جي ڪارگذاريءَ جو حاصل مطلب بيان ڪندو.<br>• تشخيصي سرگرمي:<br>ڪردار ادا ڪرڻ ( اُچارن جي غلطين جا ڪوجي)<br>هڪ رول پلي پيش ڪيو ويندو جنهن ۾ استاد شاگردن جي تلفظ جي غلطين کي درست ڪن ٿا.<br>• گهروُ ٽاسڪ<br>شرڪت ڪندڙن کي صوتيات جي تشخيص لاءِ هڪ پيمانو يا رُوبرڪ بزائن ڪرڻ جو ٽاسڪ ڏيو. | |

# سنڌي صوتيات

## صوتيا

سنڌيءَ ۾ ڪُل 51 صوتيا آهن؛ 10 سُرَ ۽ 41 وينجنَ.

نيڊا سُرَ: /اَ/، /اِ/، /اُ/

وڏا سُرَ: /آ/، /اِي/، /اُ/، /اي/، /او/

ٻِٽا سُرَ: /ائي/، /ائو/

وينجن صوتين جو چارٽ

| | | |
|---|---|---|
| بندشي ڏوڪٽا | Plosive Stops | /ب/، /پ/، /ت/، /ٿ/، /د/، /ڊ/، /ج/، /ڇ/، /ڪ/، /گ/، /ڀ/، /ڦ/، /ٺ/، /ٽ/، /ڌ/، /ڍ/، /جھ/، /چ/، /ک/، /گھ/ |
| بندشي چوُسٽا | Implosives | /ٻ/، /ڏ/، //ڳ، /ڄ/ |
| نَڪوان | Nasals | /م/، /ن/، /ڻ/، /ڱ/، /ڃ/ |
| گسٽا | Fricatives | /ف/، /ز/، /خ/، /غ/، /س/، /ش/، /ح/ |
| پاسيرو | Lateral | /ل/ |
| ڦرٽو | Rolled | /ر/ |
| ڦڙڪٽو | Flapped | /ڙ/ |
| نيم سُرَ | Semi Vowels | /و/، /ي/ |

## تقسيم:

سُرَ: سنڌيءَ جا سيئي سُرَ صوتيائي لفظن جي ٿنهي هنڌن (ابتدا، وچ، آخر) تي واقع ٿين ٿا.

متحرڪ لآخر خاصيت: سنڌيءَ ۾ لفظن جي آخر ۾ ڪو نه ڪو سُر هوندو آهي، ان ڪري کيس متحرڪ لآخر (Vowel ending) زبان سڏيو ويندو آهي. سندس اسمن جي آخر ۾ اينڊڙ ڪي سُرَ جنس، عدد ۽ حالت جي علامت طور به استعمال ٿين ٿا.

`

ويـنجن: سنڌيءَ ۾ وينجن اڪثر ڪري لفظن جي آخر ۾ واقع ٿيندا آهن، سواءِ گرداني يا گهُٽي بناوٽ وارن لفظن جهڙوڪ؛ چيائين، ڏنائون، ٻُڌم وغيره. ۽ هندي-اردو، فارسي، عربي ۽ انگريزي ٻولين مان اُڌاريل لفظن ۾ جهڙوڪ؛ پرپور، بيشڪ، خوش، موٽر وغيره.
سنڌيءَ ۾ /ڙ/، /ڄ/، /ڻ/ ۽ /ڱ/ صوتيا لفظن جي ابتداء ۾ ڪونه ٿا اچن. باقي سڀ وينجن ٽنهي هنڌن واقع ٿين ٿا.
/ٻ/، /ڏ/، /ڄ/، /ڳ/ اهڙا مخصوص سنڌي اُچار آهن جيڪي گهٽ ۾ گهٽ برصغير جي ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ ڪونهن. (1)
/ق/ سنڌيءَ ۾ غير اهم (Marginal Phoneme) آهي، جيڪو رڳو ڪجهه فارسي-عربي اڌاريل لفظن ۾ لکڻ جي صورت ۾ استعمال ٿئي ٿو ۽ عام گفتگوءَ ۾ /ڪ/ سان بدلايو وڃي ٿو. /غ/ ۽ /خ/ آواز به رڳو فارسي ۽ عربي لفظن ۾ اچن ٿا.

گهُڻائِپَ (Nasalization)

سنڌي پنجَ نَڪوَن آوازن جي پوري تواتر رکندڙ ٻولي آهي، جنهن ۾ گهُڻائپَ صوتياتي اهميت واري (Phonemic) آهي. ”سنڌيءَ ۾ گهُڻان سُرَ ڏارَ صوتيي طورَ استعمال ٿين ٿا. مثال طور؛ ٻاسَ > ٻانسَ، سا > سان وغيره“ ( 2)

ڄهيلارَ يا ڍارَ (Intonation) :

ڍارَ جو بنيادي ڪم جملي جي معنيٰ کي واضح ڪرڻ هوندو آهي. سنڌيءَ ۾ ڪيترين جاين تي بياني، سوالي ۽ عجبي جملن کي جهيلار ذريعي ظاهر ڪيو ويندوآهي. تنهن ڪري جهيلارَ نحوي سطح تي سنڌيءَ ۾ صوتيائي اهميت رکي ٿي. يعني ان سان جملي جي معني مفهوم ۾ ڦيرو اچي ٿو. مثال طور؛
هُوءَ ڪراچي اچي پئي. (بياني) هوُءَ ڪراچي اچي پئي؟ (سوالي) هُوءَ ڪراچي اچي پئي! (عجبي)

لفظن جا پَدَ (Word syllables)

سنڌي کُليل پدن وارو ڍانچو (Open syllabic structure) رکي ٿي. منجهس وينجن ۽ سُر (C.V) وارو لاڙو گهڻو آهي. سندس صوتيائي لفظ هڪ پَدو، ٻه پَدو، ٽه پَدو، چار، پنج، ڇههَ ۽ ست پَدو به ٿي سگهي ٿو. مثال طور: ڏي، پاڳُ، لِ ڪَ ڻُ، ڪَ ما ءِ ڻُ، لِ ڪا را ڻين دو سان سِ وغيره.

## لِساني چُڪون ۽ ڏڪايون

ورتل تشڪيلي جائزي ۽ ڪلاس مشاهدي ۾ شاگردن جون سنڌي لِساني مهارتن (خاص ڪري پڙهڻ، لکڻ ) جي حوالي کان ٻن قسم جون چُڪون سامهون آيون؛ 1. صوتي چُڪون 2. بصري چُڪون.

1. صوتي چُڪون؛ اهي ٻن قسمن جون آهن ؛ ( الف ) هم صوتيا اُچارَ ۽ اکرَ (ب) مخصوص سنڌي آوازَ / اُچارَ

(الف) سنڌيءَ جي هم صوتيا يا هم آواز اُچارن مان گهڻا شاگردَ سندن پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ اڪثر /خ/ ۽ /غ/ آوازن بجاءِ انهن جي متبادل/ک/ ۽ /گ/ اُچارن کي استعمال ڪن ٿا. اهڙي غلطي سنڌي غير مادري زبان وارن ٻارن کان سواءِ ٺورن سنڌي مادري زبان وارن شاگردن ۾ به نوٽ ڪئي وئي. لکڻ ۾ لفظن جي دُرست صورتخطيءَ جي اڻڄاڻائيءَ جي ڪري اصل اکر جي جاءِ تي ان سان ملندڙ آواز واري ٻئي اکرَ جو غلط اندازي سان استعمال ڪيو وڃي ٿو. هيٺ اهڙن هم آواز اکرن جي فهرستَ ڏجي ٿي.

| | هم آواز اکر | درست نمونو | غلط نمونو |
|---|---|---|---|
| 1 | ب ٻ ڀ | ٻڪري | بڪري |
| 2 | ت ط | سلطنت | سلتنت |
| 3 | ث س ص | ثَمَر | سَمَر |
| 4 | ح ه ھ | حجم، حاضر | هجم، هازر |
| 5 | ڏ ڍ ڊ | ڏايو، ڍگهو | ڊابو، ڊگهو |
| 6 | ذ ز ض ظ | ضَمير ،ظالم | زمير، ذالم |
| 7 | ر ڙ ڙ | ماري، اڱوٺون | ماڙي، اڱوڙون |
| 8 | ف ڦ | فرق، ڦيٿو | فيٿو |
| 9 | ق ڪ | چقمق | چڪمڪ |
| 10 | ڳ گ | ڳئون، ڳوٺ | گئون، گوٺ |
| 11 | خ ک | خَراب خَير | کراب، کير |
| 12 | غ گ | غور | گور |

`

(ب) مخصوص سنڌي آوازَ: مخصوص سنڌي اُچارَ (/ٻ/، /ڄ/، /ڃ/، /ڏ/، /ڳ/، /ڱ/ )جيڪي اردو-هندي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪونهن تن کي سيئي غير سنڌي ڳالهائيندڙ ۽ ڪجهه سنڌي ڳالهائيندڙ پارَ به دُرست اُچارن يا لکن ڪونه ٿا ۽ انهن جي متبادل باالترتيب /ب/، /ج/، /نج/، /د/، /گ/، /نگ/ جو استعمال ڪن ٿا. مثال طور؛

| ڳالهه | سِنڱَ | ڏاڍو | سُڃَ | اڄُ | اوٻر | درست نمونو |
|---|---|---|---|---|---|---|
| گالهه | سِنگَ | دادو | سُنجَ | اَج | اوبر | غلط نمونو |

2. بصري ڇڪون : سنڌي الف-ب جي پوريءَ طرح ڄاڻ نه هئڻ ڪري شاگردن جي لکڻ ۾ **هم صورت اکرن** جون غلطيون نوٽ ڪيون ويون.

| | بنيادي شڪل | هم شڪل گروهه | تعداد | نمونو |
|---|---|---|---|---|
| 1 | ب | ب، ٻ، پ، ت، ٺ، ٽ، ٿ، ث، ڀ | 9 | ما ئٽَ- مائٿ |
| 2 | ح | ج، ڄ، ح، خ، ڃ، چ، ڇ | 7 | ڄَڃَ - جنجَ |
| 3 | د | د، ڈ، ڏ، ڊ، ڍ، ذ | 6 | ڏنڊو – دندو |
| 4 | ر | ر، ڙ، ز | 3 | ماڙي – ماري |
| 5 | ف | ف، ڦ | 2 | ٻاڦ – باف |
| 6 | ک | ک، ڳ، ڱ، گ | 4 | ڳيرو – گيرو |
| 7 | ط | ط، ظ | 2 | ظُلم – طلم |
| 8 | ع | ع، غ | 2 | غازي – عازي |
| 9 | ن | ن، ڻ | 2 | وڻ – ون |

`

## مددي لنڪ

الف-ب ۽ آوازن جو چارٽ

https://learn.sindhila.edu.pk/alphabets/ipl

`

**For reference:**

**List of 1-20 LCs topics**

| Topics | Learning Cycles (LCs) |
|---|---|
| ٻُڌڻَ جي مهارتَ | LC-1 |
| ڳالهائڻَ جي مهارتَ | LC-2 |
| پڙهڻَ جي مهارتَ (i) | LC-3 |
| پڙهڻَ جي مهارتَ (ii) | LC-4 |
| لِکڻَ جي مهارتَ | LC-5 |
| زبان شناسي | LC-6 |
| تقريرَ جي مهارتَ | LC-7 |
| پسنديدگي ۽ تنقيدَ | LC-8 |
| تخليقي تحريرَ | LC-9 |
| زندگيءَ جون لِساني مهارتون | LC-10 |
| **سنڌي صوتيات جي تدريسَ** | **LC-11** |
| لفظي بناوٽَ ۽ جُملن جِي جوڙجڪَ | LC-12 |
| سنڌي نظمَ جي تدريسَ | LC-13 |
| سنڌي نثرَ جي تدريسَ | LC-14 |
| سنڌي پڙهائڻَ جا طريقا ۽ حڪمت عمليون | LC-15 |
| سنڌي پڙهڻ جون ڏکيائيون | LC-16 |
| سنڌي پڙهڻ جي چڪاسَ | LC-17 |
| سنڌي مضمون نويسيءَ جي تدريسَ | LC-18 |
| سنڌي ٻولي سِکيا لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال | LC-19 |
| شاگردن جي چنگ-ڀلائي | LC-20 |

`

**Contact email address:**

**kamranshah@iba-suk.edu.pk**

## School Education & Literacy Department (SE&LD)

## Government of Sindh